# سنڌي ساهتيہ جو هڪ اُهو خدمتگار
# جنهنجو قدر ڪنهن نہ ڪيو

چوندا آهن، هڪ سخت طبيعت واري انسان جي
۾، هن جي ظابطي هيٺ ڪير بهتر سکي سگهندو
پرائي سگهندو آهي..... شايد تعليم يا تربيت وٺڻ
هن انسان کي، ڪافي تڪليف ٿئي..... شايد صبر
ڏيئي بيهي.... پر اهو سڀ ڪجهہ برداشت ڪرڻ
ظبط سان پاتل سکيا سان هو صحيح معنيٰ ۾
عقل جو ڏٽي ٿي سگهي ٿو. بنه ساڳئي نموني جيئن
بنيءَ ۾ جلڻ بعد چلڪات ڪيندو آهي.

اهڙي سخت طبيعت ۽ محڪم ارادي واري
جو نالو آهي ’اي. جي. اُتم‘. پريم سان ڪم
حليمائيءَ سان ڪنهن کي نصيحت ڏيڻ، شايد سندس
جي برخلاف آهي. دٻ سان پنهنجو ڪم ڪرائڻ..... پنهنجي
ڳالهہ مڃائڻ اُتم جي شخصيت جو حصو آهي.

آهي تہ اها بہ سٺي خاصيت، اُتم جيان اوچو
پنهنجي مقصد لاءِ، ساهتڪ خدمتن لاءِ..... پر پوءِ بہ
چيز کي هڪ مريادا هوندي آهي.

اُتم..... شايد اُتمچندائي آکہ جو Short form
جيڪڏهن منهنجي چاڻ مونکي دوکو نٿي ڏئي تہ
آکہ اُتمچندائي آهي. حيدرابادين ۾ اُتمچندائي آکہ
خانداني ماڻهو، نڪ اوچو، ڪلها نوڪي چوندو، ’مان اُتمچندائي
آهيان.....‘ اُتمچندائي پئسي وارا، واپاري طبقي وارا،

پر ان سان گڏوگڏ هڪ ٻي بہ ڪامنا اٿم
سپ ڪندي دل ڪولي وڏا ٺهڪ ڏئي، جو سندس
جي مشڪن لاءِ لاپڊايڪ ٿيڻ سان گڏوگڏ باقِي ٻين
جا اُتم لاءِ گلا شڪوا بہ دور ٿِي ويندا.

ٻُلون چڪون تہ هر انسان ڪان ٿيندون آهن. هتي
اهو اتهاس لکڻ نٿِي چاهيان تہ ڪنهن جِي چوڪ
سنڌي ادب جو ڪيترو نقصان ٿيو. سنڌِي ٻوليءَ جي
ڪي کهڙي ضرب پهتِي. پر اهو پڪ سان چئِي
ٿِي تہ اُتم جهڙو محڪم ارادي وارو شخص، اُصولن
پڪو، پنهنجِي ڌارٽائن انوسار سنڌي ادب جِي جوت
رهيو آهي ۽ ان لاءِ سندس ڪيل قربانيون وسارڻ
ڪونهن.

